

# گونگي ٻولي

## (ڪويتائون)

نامديو تاراچنداڻي

# گونگي ٻولي

(ڪويتائون)

## نامديو تاراچنداڻي

| | |
|---|---|
| TITLE | : GOONGI BOLI,<br>(MUTE LANGUAGE)<br>गूंगी बोली |
| GENRE | : COLLECTION OF POEMS |
| LANGUAGE | : SINDHI |
| FIRST ON LINE E BOOK EDITION | : 2021 |
| PRICE | : ONLINE EDITION FREE |
| AUTHOR | : NAMDEV TARACHANDANI<br>Click here for biodata |
| PUBLISHED BY | : AUTHOR |
| ADDRESS | : 50, NARAYAN GARDEN,<br>GOTRI, VADODARA<br>390021 |
| MOBILE | : 9925008942 |
| E. MAIL | : namdevtarachandani@gmail.com |
| web site | : www.tarachandani.com |
| COPY RIGHTS | : WITH AUTHOR |
| TYPE SETTINGS | : INDIAN INSTITUTE OF<br>SINDHOLOGY.<br>ADIPUR. 370205. |
| COVERART WORK | : KRUTI KISHORE TARACHANDANI |
| E BOOK ONLINE POWERED BY | : DOTS AND COMS VADODARA |

# سلسلو


| | |
|---|---|
| 1. گونگي ٻولي | 1 |
| 2. ڌرتي ماتا | 4 |
| 3. ٻڍاپو-1 | 6 |
| 4. ٻڍاپو- 2 | 12 |
| 5. ٻُڍاپو - 3 | 20 |
| 6. هاڻ مان ٻيو ٿي ويو آهيان. | 23 |
| 7. ڳوٺائي - 1 | 27 |
| 8. ڳوٺائي- 2 | 32 |
| 9. ميچ | 37 |
| 10. اُلو پکي | 39 |
| 11. مهانگر | 41 |
| 12. پکيءَ جو پڃري سان پيار | 43 |
| 13. زندگي | 45 |
| 14. ماڻهو آهي _ ماڻهو آهي ! | 48 |
| 15. سُرڳ ۾ هڪ ڏينهن... | 49 |
| 16. ننڍيون ڪويتائون | 52 |
| 17. حسد | 54 |
| 18. توهان جيئندا ڪڏهن آهيو؟ | 56 |
| 19. هڪ وڏيڪ ڏينهن | 57 |
| 20. بي. وي. شِوَم | 60 |

| | |
|---|---|
| 21. مان ڪڏهن هوس ئي ڪونہ ! | 62 |
| 22. ضرورُر ڪنهن خُدا کي اَغوا ڪيو هوُندو | 63 |
| 23. اَڪيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن | 65 |
| 24. ڪنهن تي ناهي ميار | 68 |
| 25. اَنتِمِ اِڇا | 69 |
| 26. جڏهن مان نہ هوندس | 70 |
| 27. پرم | 71 |
| 28. تلاش | 74 |
| 29. آتنڪوادي فرمان | 76 |
| 30. ڪپڙا | 78 |
| 31. شڪايت | 79 |
| 32. هي پريوُ | 80 |
| 33. شايد ڪويتائون | 81 |
| 34. روز جيان | 87 |
| 35. ننڍيون ڪويتائون | 88 |
| 36. خُدا جي نالي | 90 |
| 37. اوم! شانتي .... شانتي ..... شانتي | 91 |
| 38. سرڳ جو ڏسُ پتو | 93 |
| 39. سُڃاڻپ | 95 |
| 40. پهاڙ جيڏو وڏو ماڻهو | 97 |
| 41. باقي سڀ خيريت آهي! | 98 |

ڪي ماڻهو ڪتابُ پڙهندا آهن......

ڪي پورو ڪندا آهن!

## آتم نويدن:

’ڳُونگي ٻولي‘ ڪويتائن جي مجموعي نمت....

مان بہ هِنن ساڻ وڏو ٿينلو رهيو آهيان-
خاص تہ عمر ۾ -
يا فقط عمر ۾ -
جي، ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي موهت ٿي پوندا آهن....
شايد ان ڪري -
’اَڻون سُر‘ (1984) جي پهرين ڪويتائن جي مجموعي جي 37 سالن ڪان پوءِ،
شامل ڪويتائن ۾ ڪِن احساسن جي عطر يا عرق جي بوُند جهڙوڪجهہ هئڻ جي اُميد -
هنن ڪويتائن کي ڪتي، ڪنهن طرح جي اِشاعت جو روپ ڏيڻ لاءِ موهت ڪيو هوندو!

*

هونءَ مُختلف عُنوان سان هن ڪتاب جي يوجنا، (’سنڌي ڪويتا ساهتيہ‘ (آلوچنا) ۽ ’مُڪت چنتن‘ (مضمون) ’وغيرهہ‘ مجموعن جي ڪتابن جيان) گهڻو اڳ بہ ٺهي هئي....

پر ’منش نگري‘(2011)، ديوناگري (2013) کان سواءِ، فقط ’ورکتي‘(23 ڪهاڻين جي مجموعي- 2015) ۽ ’سنڌي ڪويتا جو اِپياس‘(سينيئر فيلوشپ جو پراجيڪٽ - A-4 260 + پيج - 2015) کي e. book طور پبلش ڪري (C.D.)۾ ساڻ پنهنجي ويب سائيٽ www.tarachadani.com تي آن لائين- ٻين ڪن ڪتابن ساڻ مُحيا ڪرڻ سان ئي سنتوش ڪرڻ ٺيڪ سمجهيو هو.

*

مون کي لڳي ٿو هن روايتي ڪتاب جي صورت، ڪِنڊل ورزن e.book، آڊيو بوڪ ۽ پرنٽ ڪتاب ۾ موبائيل، ڊوائس معرفت آڊيو ورزن QRڪوڊ جي سمائڻ ساڻ ٻيا آپشن، بدلائي ڇڏيندا ۽ اسان جي لپيءَ جو مسئلو ۽ موهه اِتهاس جو ورق بڻجي ويندو- ڊجيٽل روپ ۾ گهربل لپيءَ ۾ ساهتيه آن- لائين محيا رهندو. البت، اڳ ڇپيل اَڻاهه ساهتيه گهٽو ڪري اڻ لڀ رهندو ۽ وري ساهتيه جو عام طور پڙهيو وڃڻ به سنڪٽ ۾ ته رهڻو ئي آهي! ڇو جو اُن جا ٻيا روپ حاوي ٿي ويندا. پوءِ به ڪلاڪار جي اظهار جي وِرتيءَ کي نَوَن روپن ۾ پيش ڪرڻ جا موقعا ميسر رهندا-

ذري گهٽ، اسان چاهيون يا نہ چاهيون، ساهتيہ سرجن چارسوَ سال اڳ واري ’پنهنجي ماڻ لاءِ‘ स्वान्त : सुखाय واري آدرش جي قريب پهچي ويندو. (هڪ طرح اڄ ئي ان حالت کي محسوس ڪرڻ مشڪل نہ آهي- جڏهن ڪ تمام گهٽ انداز ۾ ڪتاب پرنٽ ڪرائڻ بعد ڪوبہ سٺو يا خراب – ريسپانس دُرلڀ ٿي رهيو آهي! ڪجهہ دوستاڻا – خط گهٽو ڪري دستوري شِشٽاچار جا ئي ڏسجندا آهن- ۽ هاڻ تنقيدي آڱر ڪٽڻ جو رواج بہ بند ٿو نظر اَچي. )

خيَرُ !

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جا شڪرانا-

لکڻ پڙهڻ لاءِ مدد ۽ اُتساهہ ملندو رهي ٿو-

سيني جيان مون کي بہ.

نامديو تاراچنداڻي

(12 مارچ 2020- برزبين آسٽريليا ۾ لکيل ۽

20 جوُن 2021- بڙودا ۾ پويون حصو جوڙيل.)

# Sindhi Poem
# GOONGI BOLI
# by
# Namdev Tarachandani

As presented on Jaipur Literature Festival 2022

QR FOR TITLE POEM

English

Sindhi

## گونگي ٻولي

زبان ۾ گلي جا ھي زخم
ھاڻ تہ لا علاج پيا لڳن !
پندرھين آگسٽ تي ڇُٽل اُھو تيرُ
اَسان کي گھايل ڪري
سمنڊ ۾ ترندڙ ھن ٻيڙيءَ ۾ ڪُپي ويو!
اَسان تہ اَڃا
پنھنجي ٻولي سنڌيءَ ۾
لوليون ٻُڌي
روئڻ ۽ کلڻ سکي رھيا ھئاسين!
ٿوري سمجھہ اَچڻ تي
سڀ سھڻ جي ھير پئجي ويئي.
۽ جوان ٿيڻ تي
ياد ڪري، ڀُلجي وڃڻ جي!
ھاڻ جڏھن
ھي شرير
ڏُنگر ٻيڙي ھلائي ٿڪجي پيا آھن
وڏو تي ويو آھي سوراخ ان تير جو!
پاڻي بہ اَچڻ لڳو آھي ٻيڙيءَ ۾ !
ھاڻ اُھا ڪيئن ترندي؟
۽ ڪيستائين؟

اَسان کي ڊپ آهي
شايد جلد هڪ ڏينهن
اسين درياهہ ۾ اندر هونداسين
هزارن، لکن مڇين ساڻ
ترنداسين.
ٻڌڻ کان بچڻ لاءِ
وقت جي پاٽيءَ ۾ تاڪوڙا هڻندي
ضِرور سڀ ٻوليون ڳالهائڻ لڳنداسين!
پنهنجي ٻوليءَ ۾ فقط
اَڪيلو روئڻ
۽ ٻين سان کلڻُ بچندو!
پوءِ
ڪن تورن کي سمجهہ ۾ ايندڙ
اِشارا ڪنداسين!
سمنڊ ۾ رهي
هر مگر مَڇَ سان دوستي ڪنداسين.
هزارن رنگين اَڻ ڇُهيل ڪتابن جا پنا ڦاڙي
سُهڻيون ٻيڙيون ٺاهينداسين.
سونهري مڇين ساڻ
مُهاڻن وٽ موڪلڻ لاءِ
ٽڪن ۽ ليڪن ۾
پنهنجي دانهن لکنداسين!

ٻيڙين وارا
اَدا مُهاڻا
اُهي شِلا ليک
سمنڊ ڪناري مِٽيءَ جي ڍير تي
رکندا ويندا
پَلي وارو
جوتين ساڻ
اُن جو نگهبانُ ٿيندو.
ڏيري ڏيري ڪنهن ڏينهن
هڪ نئون
’جيئَرن جو دڙو‘ نهي ويندو
۽ ائين هڪ ڏينهن
منهنجي گونگي ٻولي
اَمر ٿي ويندي!

# ڌرتي ماتا

هي  ڌرتي ماتا! هنن کي معاف  ڪر .....
جو نٿا ڄاڻن، ڇا ڪري رهيا آهن هو ....

عمر ڀر  پوڄيو  ڄن  ٿوَن  ڳرهَن  کي
سِج  چنڊ  ساڻ  راهوُ  ۽  ڪيتوُءَ  کي
ڪيئن ٻُلجي وِيا سي  پرٿوي  ۽ جَلَ کي
ڀُلجي   ويا سي  اگن  گگن ۽  پوَن  کي
ڀُلجي  ويا  پنهنجي  آتما  ۽  ديهہ  کي!

مِٽيءَ مان  مَٽجي  ماڻهو  بڻيا    جي
مِٽيءَ  جا  پُتلا  وري  مِٽي  ٿيڻا  سي
مِٽي  ٿي آ  سَمجهيو  هنن اُن  مِٽيءَ  کي
سَمجهيو  ڪونہ  تِنِ  مِٽيءَ  جي مَهما کي

جياپي جو  جَلُ  هِنَنِ رَکيو  ڪونہ  اوجَلُ
پَويتر اگنيءَ کي  پِي  هِنَن  بارود   بڻايو
نيل گگن کي ڪيو  دونهين سان  اوجهل
ساهن   کي    پِي    آ    زهريلو    بڻايو

ڪاش جاڳن ۽ سُڪا  وڻ  ساوا  ڪَنِ  هو!
جَهانُ  هيءُ   پنهنجو   آباد   ڪَنِ  هو!

هي ڌرتي ماتا هنن کي معاف ڪر .....
جو نٿا ڄاڻن ڇا ڪري رهيا آهن هوُ!

(ڊسمبر 2020 ۾ 32 ديشن جي چاليهن ٻولين ۾ 160
ڪوين جي ورچيوئل پروگرام ۾ ماتر ڀاشا ساڻ
انگريزيءَ ۾ پيش ٿيل ڪويتا.)

(Link for E. Book: www.ccva.in)

# ٻڍاپو- 1

ٻڍاپو يعني
پڙهجي چُڪيل اَخبارَ
يا
ٺَري ويل چانهه
ڇَڻُ هارِجي پيل ڪيرُ
يا
وسامي ويل اگربتي!
•
ٻڍاپو يعني-
دنيا جو نقشو
ياءِ
جُهڪي ويل جَهانُ
ڇَڻُ
سنسار جو پاڙيسري
يا اُجهاميل ڏيئو!
•
ٻڍاپو يعني-
پَري ڪان ٻڌجندڙ شنکُ
يا مندر جي ڏَجها
ڇَڻُ
لَٺ جي مهرباني

يا ٽنل کو چشمو!
•
ٻياپو يعني-
زمين تي ڪريل گُلُ
يا
وِرِلي ڪم ايندڙ ڏَڳُ
ڄَڻُ
هڪڙو خالي پڙيڪو
يا
اَڌ وِساميل ٻيڙي!
•
ٻياپو يعني-
هڪ خالي ماچيسُ
يا
ڪو ٽُٽَلُ آئينو
ڄڻ
ڪا اَڻ سڪيل ٻولي
يا
هڪ گُذري چڪيل ڪهاڻي!
•
ٻياپو يعني-
هڪ ٻنا لفظن جي ٻولي
يا
هڪ رُڌل ڪمرو

جَڻُ
خالي ڪمري ۾ هلندڙ پنکو
يا
ڪو سِمندڙُ نلڪو!
•
ٻڍاپو يعني-
ڪَٿُ ڪاڏل پِينگهو
يا
هئنڊل ڀڳل ڪوپ
جڻ
هڪ جهٽڪا کائيندڙ ٽيوب لائيٽ
يا
ڪو چِٿيءَ ٻنا لفافو
•
ٻڍاپو يعني-
پَرَن ٻنا ڪو پکي
يا
لاچار سجاٽندڙ مائٽ
جڻ
اَڪيلي جو اوجاڳو
يا
هڪُ وِسريلُ سُپنو!
•

ٻُڌاپو يعني-
اکين ۾ سُڪل ڪو سمنڊ
يا
ڪنهن جو نہ ڪيل سَڏُ
ڇڻ
آڪاش جو پڙاڏو
يا
جواب ڏنل ڪَنَ!
●
ٻڍاپو يعني-
ڪبير جو ٻُڍبُڍو
يا
سورداس جو پَدُ
ڇَڻُ
تلسيداس جي دَيا
يا ڪو ميران جو پڇن !
●
ٻڍاپو يعني-
پرشوتم مهني جي ڪٿا
يا
گيتا جو ڦاٽل پنو
ڇڻ
واليءَ جو تيرُ

يا
پيشم جي سيجا!
●
ٻياپو يعني-
سَهديو جو صدمو
يا
اَرجن جو اَگيانُ
جَڻُ
دروپديءَ جي اُلجهن
يا
گانڌاريءَ جون اکيون!
●
ٻياپو يعني_
صبح جو چنڊ
يا
شام جي آرتي
جَڻُ
اوندهہ ۾ اِنتظار
يا
حڪيم جي پرهيز!
●
ٻياپو يعني _
سمجهوتن جو اِتهاس
يا ماضي ۽ حال جو اُفق

ڇڻ
سنسار جي سنجها
يا
ڏريل ڪا ديوار!
●
ٻڍاپو يعني
واپرائجي ويل وردان
يا
قبر جي ڪنڌ
ڇَڻُ
لَلاٽ جو شلا ليک
يا
موت لاءِ ڳايل ڪا لوليِ!

## ٻُڍاپو- 2

ٻڍاپو آهي
ويٽنگ روم
اڻ چاهيل جو انتظار!
ڪري پيو هت هر ڪوئي
•
ٻڍاپو آهي
يادن جو باغيچو
ڪومايل ڪلين جون سڀ ٽاريون
وقت جي بار سان جهڪيل !
•
ٻڍاپو آهي
سانڍي رکيل نوٽن جي ٿجوڙي
دِل جي آٿت
نوٽ بنديءَ کان بي خبر!
•
ٻڍاپو آهي
يادن جو هوا محل
اُڏامندو رهي ٿو من
وقت جون سرحدون پار ڪري!
•
ٻڍاپو آهي
خالي بادل
آس جڳائي

پر برسي ڪونہ ڪڏهن ٻيو!

•

ٻُڌاپو آهي

ويسر جو گهر

من بدلائيندو رهي ٿو

دوستن دشمنن جا نالا

هڪ ٻئي ۾ !

•

ٻُڌاپو آهي

راڳ هڪڙو ئي

ڳائيندو رهي ٿو

جواني ڏينهن چار!

•

ٻڍاپو آهي

ناچ گهر ننڍڙو

نچندو رهي ٿو من

پنهنجي ارد گرد!

•

ٻڍاپو آهي

شراب جو شائق

سُڪل چپ

پر جام خالي!

•

ٻڍاپو آهي

ميلي جي موٽ
رستو اڻ ڄاتل
پير تکل!
•
ٻڍاپو آهي
مداريءَ جو کيل
من جو مداري نچائي
رهجي ويل اُميدن جا باندر!
•
ٻڍاپو آهي
قائمي ننڊ جي گوري
وهاڻي هينان رکيل!
•
ٻڍاپو آهي
پڇتاوَن جي پڙيڪي
نہ سَلي سگهجي
نہ سهي سگهجي
•
ٻڍاپو آهي
ڦڪي جلاب جي
روز رات جو
پلجي وڃڻ جي چاهہ
•
ٻڍاپو آهي
لهندڙ سِج عمر جو

سمائجي سمنڊ ۾
پر صبح تائين!
●
ٻڌاپو آهي
خالي ڪيل ٿفن
پوئين پُڙ ۾ ٻڇيل
ڦلڪو ٻنا ڀاڄيءَ جي.
●
ٻڌاپو آهي
واندڪائيءَ جو دڪان
نہ ڪو سَودو
نہ ڪو گراهڪ!
●
ٻڌاپو آهي
سوادن جو ٻڪيو
پيٽ ڪي پر
ڪونہ پوي قبول!
●
ٻڌاپو آهي
حڪمت جو هَٽُ
روز ناهي
نسخا نوان!
●
ٻڌاپو آهي
ٻيج جو چنڊ

رات چانڊوڪي
تجلو ندارد!
●
ٻڍاپو آهي
ري گھُري صلاح
پاڙيسري پيو روز
پڇتائي مَن ۾ !
●
ٻڍاپو آهي
پريان نظر ايندڙ غوراب
الائي اَچي رهيو آهي
الائي وڃي رهيو آهي!
●
ٻڍاپو آهي
چانھ جو چاھڪ
صبح شام
چانھ جي چاھ
چانھ جي راھ!
●
ٻڍاپو آهي
بوتل گنگا جل جي
سالن کان سانڍيل
هٿيڪي رکيل!
●
ٻڍاپو آهي

بنا تاريخ سبب
بائونس ٿيل چيڪ!
●
ٻڍاپو آهي
فڪس ڊپازٽ پُراڻي
مئچيورٽي ڊيٽ
ڪانہ پڙهجي ڪنهن ڪان!
●
ٻڍاپو آهي
ماٺ جو مَون ورت
من ۾ پڇن
من ۾ ڪيرتن
●
ٻڍاپو آهي
ڪٽيل بازيءَ ڪي
هارائڻ جو ڏُک!
●
ٻڍاپو آهي
ڪنن تي پرلاءُ
ونس مور ٻڌڻ جو
●
ٻڍاپو آهي
اڻ ڪٽ اڪيلائپ
درين جي ٻاهران پر
پيڙ ئي پيڙ!
●

ٻڍاپو آهي
گھنجيل چادر زندگيءَ جي
صدين کان اڻ ڌوتل!
•
ٻڍاپو آهي
ٻيوسيءَ جو بار
هٿ پڪڙي هلندو هلي
”پنهنجي هلنديءَ هلاءِ“چوندو هلي!
•
ٻڍاپو آهي
ليڪ ٽيل ٽانڪي
ٽپڪندو رهي ٽو
ڦڙو ڦڙو عمر جو!
•
ٻڍاپو آهي
بي پرواهه بادشاهه
نه سرڳ جي چاهه
نه نرڳ جي ڊانهن!
•
ٻڍاپو آهي
پنهنجو پاڻ کي
ڏنل کو ڏوراپو
جيڪر هئن ڪجي ها !
•
ٻڍاپو آهي

مَن ۾ لڪل مُرڪ
پنهنجي مَڙهيل مُورت تي
گلن جو ڏسجندڙ هارُ
•
ٻڌاپو آهي
ٻيڪڙيل دَر
الائي ڪڏهن
ڪڙڪائي ڪوئي!
•
ٻڌاپو آهي
اڻ مَيي موڪل
پرپيينلٽي ليِو!
•
ٻڌاپو آهي
ڦِٽي ويل ڪيرُ
وِرلي ڪو
ٺاهي پنير!
•
ٻڌاپو آهي
هڪڙي رهجي ويل چاهه
ٻيءَ طرح جيئڻ جي!
•
ٻڌاپو آهي
آشيرواد جڳ کي
تون يل رهه
مان پر هلان!

## ٻُڏاپو - 3

دنيا جي ميلي جي موٽَ
چاڻ آئي موڪلاٽيءَ جي مَهل
هميشهہ ڪُمهلي!
اجا بہ آسائتين اکين سان
اُجهاميل حسرتن جو پيرو ڪٽنندي
وِساريل يادن جا ڪندهر پار ڪندي
اهم جا پهاڙ چڙهندي
واٽ اٽانگي- رستا اڻ ڏٺل!
اجا الائي ڪيترو پنڌ هلبو-
پر هلڻو تہ آهي!

•

سَقلتائن جا ٻَگَل ٻَرَمَ
اَسقلتائن جا اَنبار
دُنيا داريءَ جا ڏگ چاڙهين جا
سَهڪڻ ڪان ساهي پٽجي
نہ هوش صحيح نہ حواس
حَقن ۽ فَرضن جي-
اڳني پريکشا جي رک جا ڍيرَ
اَندر ۾ اَڻکيل اِڇائن جي آنڌ مانڌ
اجا الائي ڪيترو پنڌُ هلبو-
پر هلڻو تہ آهي!

*

رشتن جي حسابي ڪتابي جوڙ ڪٽ
چَٽُرائيءَ جي چادر ۾ ويڙهيل-
ساڻي تي ويل سموري سياٽپ
پيار ۽ ڏڪار جا گل ۽ ڪنڊا
موهه ڄار ۾ قاتل من جا ڪبوتر
سامهون اوندهه پنيان ڪاهي
مُسافِرُ تن سان بہ اڪيلو – مَن سان بہ!
گوڏا ڀڳل – پير ٿڪل!
اڃا الائي ڪيترو پنڌ هلبو-
پر هلڻو تہ آهي!

*

اکين ۾ ڏُنڌلا ٿُتل سُپنا
سُک ڏُک پنهنجا پراوا سڀ
پنيان رهجي وڃڻ جو احساس
شڪايتن کان بي خبر
ايرڪائن کان بي اَثر
اَندر ٻيو چُپ
ٻاهر ٻيو چُپ
ڪُجهڻو هاڻ ڪجهه ٻيو ناهي!
اَڃا اَلائي ڪيترو پنڌُ هلبو-
پر هلڻو تہ آهي !

*

دُنيا جي ميلي جي موٽ
جيستائين وقت آڱر پڪڙي وٺي هلي!
وري بہ شڪر آهي
ڇوَن ٿا پوءِ ڪجھہ بہ نہ هوندو
نہ خوشي نہ غم، نسوري نِرِ وڪار شانتي
ڇا اهوئي موڪش آهي
پوءِ بيو يلا ڇاڪپي!
اجا الائي ڪيترو پنڌ هلبو
پر هلڻو تہ آهي!

## هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان---

ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان....
•
روز روز بس ۾ ، ٽرين ۾،
يا هوائي جهاز ۾ ،
ڪونہ ڪو اُٿي ڪري،
سهوليت واري سيٽ آڇي ٿو!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......
•
ريلوي اسٽيشن يا ڪنهن شاپنگ مول ۾ ،
ايسڪيليٽر يا ڏاڪڻ چڙهڻ وقت
ڪو جُوان يا جوانڙي
منهنجي پٽڪڙي پيتي کڻائي هلڻ جو ضد ٿا ڪن
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......
•
سِگنل ويجهو
ٽرافڪ وارو بين ڪي روڪي،
مون ڪي رستو پار ڪرائڻ لاءِ،
سِيٽي وڄائيندو مُون طرف سُري اَچي ٿو!
ها، لڳي ٿو،

هاڻ مان بُڍو ٿي ويو آهيان.......
•

ريسٽورنٽ ۾ ويهي،
آئيسڪريم کائيندي،
هٿ مان پريل پيالو ڪري پَوڻ تي،
ويٽر ڊوڙندي مُشڪندي
ٻيو پيالو ڪڍي اَچي ٿو!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان بُڍو ٿي ويو آهيان..........
•

گُردُواري ۾ ،
هرڪو گروءَ اڳيان سيس نوائي،
ويندي وقت،
مَهنت کي ٻہ هٿ جوڙي ٿو،
مَهنت وَري مون کي هٿ جوڙي 'نمستي' چوي ٿو!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان بُڍو ٿي ويو آهيان.........
•

آهستي آهستي گهر طرف پنڌ ڪندي،
سوسائٽيءَ جو نالي چڙهيل
چِتو سڪيورٽي آفيسر،
جيپ روڪي زوريءَ وهاري ٿو!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان بُڍو ٿي ويو آهيان......
•

ميٽرو جي پليٽ فارم تي، ٽرين اَچڻ تي،
ڪي جوان جوڙا،
ڪِنَ ترسي،
منهنجي پرسان پهچڻ تي
اَول مون ڪي هَٿ ڏيئي چاڙهن ٿا!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......
•
پکين جي چبوتري وٽ
باجهريءَ جون چپٽيون وجهڻ وقت
هڪ ننڍي ڇوڪر ڪلندي ڇوي تي
اُن طرف زمين آلي آهي،
هِنَ طرف پَڪي توهان جو انتظار ٿا ڪن!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......
•
شِو جي مندر پُنيان،
پپل جي وڻ واري ٿلهي تي ويهي،
ڇوريءَ ڇپيءَ سگريٽ پيئندي، هڪ پاڙي وارو
سگريٽ ڪُنڊ ۾ اُڇلي،
’ستنامُ ساڪي‘ چوندي پيرين پَوي ٿو!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......
•

سوسائٽيءَ جي پارڪ ۾ وينل ،
سُجاتل جوان جماڻ ڇوڪريون،
سندن پر ۾ خالي بينچ تي وهندي سنڪوچ ٿئي ٿو،
پر هو لڪي لڪي ڪرڻ جَهڙيون ڳالهيون،
بدستوُر جاري رکن ٿيون!
ها، لڳي ٿو،
هاڻ مان ٻُڍو ٿي ويو آهيان......

# ڳوٺائي-1

اَڙي ڳوٺائي
ڪَرِ خبر
منهنجو شهر خوش تہ آهي؟

ڇا اَڃا بہ مُنهنجي شهر ۾
ٻائي ٽِلوڪي جي ٽِڪاڻي ڪان
''اُتي اَسُر جو رامُ رِيجهاءِ ٻندا'' ٻجن
ڳائيندي،
پرڀات ڦيري نڪرندي آهي؟
صُبح سويل گنگوُ حلوائيءَ وَٽ
دال مُڱن جو پَنُ ۽ دال پڪوانُ
مِلندو آهي اَڃا؟
ڇا اَڃا بہ چاليهي جي ميلي تي
ٻهراڻا ڪڍي ۽ ڇيج هَٽي
پوُڄاري پَلوَ ۽ پَنجڙا ڳائيندا آهن ؟
ڇا اَڃا مُنهنجي شهر ۾
ٻنيرڪي جو ٽڏي هيِرَ لڳندي آهي؟

اَڙي ڳوٺائي
ٻُڌاءِ ٻيلي
مُنهنجو شهرُ خوش تہ آهي ؟

ڇا اُجا بہ ويساک جي مَنجهند جو
سِنڌي ڪئمپ جي گهرَنِ جوُن
سيمينٽ جون ڇتيوُن تپنديوُن آهن؟
ڇا اُجا ڀَڳتَ ڪَنوررام جي وَرسيءَ تي
ناچوُ ڀڳتنِ جي ٽوليُن مهل سڄي رات
چانهہ مُفت ملندي آهي؟
ڇا اُجا گيان ڪُلفين وارو
گِهنڊُ وَڄائيندو
گِهٽيءَ گِهٽيءَ ۾ گُهمندو آهي ؟
راشن جي دُڪان ٻاهران مَردَ ۽ مايوُن
اُجا بہ ڳاسِليٽ جي لائِين لڳائينديوُن
آهن؟

اُڙي ڳوٺائي
ڀَڳوان ڀَلي ڪريئي ـ ٻڌاءِ
منهنجو شهر خوش تہ آهي؟

ڇا اُجا بہ چوُماسي جي بَرساتين ۾
ڪوٺَن تان پاڻي ٽپڪندو آهي؟
ڪٽمنڙن واري پَنجوُءَ کي ٻارَ
’’پنجوُ پيٽي ـ قلمُ سِليٽي‘‘ چئي
اُجا بہ چيڙائيندا آهن؟
ڇا اُجا بہ ٻُڍِيون مايون پوٽي پائي

’’مُئا ماريا _ سڏو تي هَلُ‘‘ چئي
ٻارن کي اِسڪول وٺي ويندِيُن آهن؟
مَڇيُن جو ڪارو ڪٽي ٿُلهي پاري
اَسان جي پاڙي جي نِمُ هيٺان
اَجا مَڇيوُن پَلا وِڪڻندي آهي؟

اَڙي ڳوٺائي
شل ڪي ٻَچا جيئنين
مُنهنجو شهر خوش تہ آهي ؟

ڇا اَجا بہ ڊِسمبر جي راتين ۾
وَٺل جا پارا پوندا آهن؟
ڇا مائٽيُن واريوُن مايوُن
سُهڻين جوان ڇوڪرين جا فوٽو کڻي
گهرُ گهرُ گُهمنديون آهن اَجا؟
ڇَريو چيتن ڇَڪيءَ وارو
اَٺي جي دَٻن ۾ گهوٽالا ڪري
روز جهيڙا ڪندو آهي اَجا؟
چوُنڊن جي چَڪَرَ ۾ ٻُڍا ڪانگريسي
چونڪ تي ٽوپيون پائي گاڏيلا وڃائي
اَجا بہ پاڻ کي شيرُ سمجهندا آهن؟

اَڙي ڳوٺائي
جُڳُ جُڳُ جيئين

منهنجو شهر خوش تہ آهي؟

ڇا اَجا بہ اوُنهاري جي چانڊوڪين ۾
والي بال ۽ وَنجهھوَٽي راند ٿيندي
آهي؟
ڇا ڏَسهڙي جو راوڻُ ساڙي پاڙي جا مرد
سوني لنڪا لُٽڻ ويندا آهن اَجا؟
’’ڇري ڇوڪري ڇَمَر جي، ڪائي ڪتا
ٻير‘‘ ڇوڻ تي
ڇا اَجا ڇَري پاوان
بنهي هٿن سان ٻَجا ڏيندي آهي؟
هوليءَ جي ڏينهن ۾ دير رات جو
پارَ ڪيڻ مَهل زالون گڏجي
گاريوُن ڪينديون آهن اَجا؟

اَڙي ٻُوٿائيِ
شل جُواني ماڻين
مُنهنجو شهر خوش تہ آهي؟

گهر ڪان ٻاهر وِڇايل ڪٽُنِ پاسي
اوُنداهين راتين ۾ روز روز
چوريوُن ٿينديون آهن اَجا؟

ٽيجڙيءَ جي وِرتَ تي ميندي لڳائي

جُوان جما ڻُ چوڪريون گنڌجي
چَندَ ڪي اَرِڳُ ڏينديون آهن اَجا؟
سِنڌي زالون سَڳڙا چوڙِڻ
سَتپُڙا ۽ لولڙيوُن ترَي
مها لڪشميءَ جي ڪٿا تي وينديوُن آهن
اَجا؟
ڇا اَجا ٻہ ڪئمپ ۾ شوَجي ڏينهن
چونڪ _ چونڪ تي صندل رکي،
سُکو سيسا ۽ ٻنگ ورهائيندا آهن؟

اَڙي ڳوٺائي
ڪر خبر
مُنهنجو شهر خوش تہ آهي؟

## ڳوٺائي _ 2

اَڄ ڳوٺائي
ڪَرِ خَبَرَ
مُنهنجو شهر خوش تہ آهي؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾،
سنت شيوارام
اوُنداهي صبح جو اَڪيلي سِرِ
هٿ ۾ ڏکڻي ٽارچ کڻي،
”هي ناٿ، نارائڻ، واشديوايہ!“
آلا پيندو _
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گُهمندو آهي؟
•
ڇا اَڃا بہ
منهنجي شهر ۾
لکوُ لکاپتي
هر آرتوار صبح جو پرپارام چونڪ ۾،
هٿ لاريءَ تي هارمونيم وڄائيندي،
”تُنهنجي مُنهنجي پريت، شيام اَڄُ پوُري ٿي وئي!“
ڀڄن ڳائيندو آهي؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾
روز اَسُر جو ڀائي ساڌورام،
ڳايُن کي ڳاهہ کارائڻ

سيءَ ۾ ڏڪندو ڏڪندو
''ستنام سري واهه گرو'' چوندو ويندو آهي؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾
ڪارڪَنَ مهني ۾
ڪارڪَنَ مهاتم جي ڪٿا ڪرڻ
۽ بيڪم جا ڏيئا ٻارڻ
مايُون ۽ مرد گڏ ٿيندا آهن؟
•
اَڙي ڳوٺائي
شل پُٽ پوٽا پرڻائين ،
ڪَرِ خبر
منهنجو شهر خوش تہ آهي؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾،
جوان ڳڀرو ڇوڪرا
رات جي روٽي کائي
پَنڌُ ڪرڻ جي بهاني
مندر جي ٿلهي تي
ٻيڙيوُن ڇڪڻ ويندا آهن؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾ ،
ٿلومل ڪپڙي وارو
سرَ نديءَ وارن جي گهر گهر وڃي
هَر مهني ڏهَہ روپيہ اوڳاڙي

غريبن کي اَناج ڏيندو آهي ؟
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾ ،
منُهن اونداهيءَ
کير واريون گجراتي مايُون
چولي پڙو پائي
مَٿي تي چونورِيوُن رَکي
گهر گهر کير ڏيڻ ايندِيوُن آهن!
•
ڇا اَڃا بہ مُنهنجي شهر ۾،
نکمٽا مَرِدَ
سڄو سڄو ڏينهُن،
گنجي پائي گوڏِ بَڌي،
رَمي ۽ رِنگ وار
تاسَ پَتي راند ۾ هارائڻ تي
پت کي هٿ لائڻ ويندا آهن؟
•
اَڙي ڳُونائي،
شل ڪو بيڙو تَريئي،
ڪَرِ خبر،
منهنجو شهر خوش تہ آهي!
•
ڇا اَڃا بہ منهنجي شهر ۾ ،
راشن وارو رانول مَلُ
جُوان ماين کي

راشن جي تور ۾
ٻہ ٽي مُنيون اَناج وڏيڪ ڏيندو آهي؟
●
ڇا اَڃا ٻہ منهنجي شهر ۾،
سندرداس پيرڳوٺ وارو
سنت ڪَڪوُرام لاءِ
روز منجهند جي مانيءَ جو ڪرمنڊل ڪٽي
وَڻس جهنگل واري جهوپڙيءَ ۾ ويندو آهي؟
●
ڇا اَڃا ٻہ منهنجي شهر ۾،
جهوليلعل مندر وارا لاڙائي
چيٽي چنڊ جو ميلو لڳائي
سڄي ڪَئمپ جي هزارين ماڻهن کي
رات جي روٽي کارائيندا آهن؟
●
ڇا اَڃا ٻہ منهنجي شهر ۾ ،
سردار آئل سنگهہ
گرو گِرنٿ صاحب جو وچن وٺڻ کان پوءِ
چُپ چاپ منجيءَ هيٺان
پيتا ۾ رکيل نوٽ چورائي ويندو آهي؟
●
اَڙي ڳوٺائي
بيلي پاڻ ۾ آهيون،
ڪَرِ خبر
منهنجو شهر خوش تہ آهي؟
●

ڇا اَڄا ٻہ منهنجي شهر ۾،
لال لوئيءَ تي ٻار گڏجي
”ڇيڙو ڏيندءُ پُٽُ ڄمندُوَ“ چئي
گهر گهر مان ڇيڻا گڏ ڪري
رات جو لال لوئيءَ جو ڀنيٺُ ٻاريندا آهن؟
•
ڇا اَڄا ٻہ منهنجي شهر ۾،
هوليءَ تي هولڪا ماتا جي پوڄا ڪرڻ
ڏاڱو ويڙهي روٽ پچائي
ڏاڱو سڙڻ ڪان بچيل ڏِسي،
پرهلاد ڀڳت کي ياد ڪندا آهن؟
•
ڇا اَڄا ٻہ منهنجي شهر ۾،
ٽڪي جا ڏاک ڀُڳڙا وني
وسپت ديوتا جي ڪٿا ڪري
ڏاک ڀڳڙا ورهائيندا آهن؟
•
ڇا اَڄا ٻہ منهنجي شهر ۾
ڏياريءَ جي رات ڏيئا ٻاري
ڪپڙو ٻڌل گاهہ جا ڪانا ڏيئن مان ٻاري
”ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو ـ ننڍو وڏو ڇيڙ مِنو“ چوندا
ڪانا ڀِتِ سان ٽڪائي رکندا آهن؟
•
اڙي ڳوٺائي
ڪَر خبر
منهنجو شهر خوش تہ آهي؟

## ميچ

جڏهن هوءَ
حَياو ڀَريل اکين سان
پنهنجي ڀرپور جواني کڻي
شفاف هلڪي گلابي ساڙهيءَ ۾ ملبوس
سَليڪي سان سنواريل سَجايل
کُليل جهومندڙ ڪارن چلڪندڙ وارن کي
جهٽڪي سان سنڀاليندي
پنهنجين مضبوط ڇاتين تي نظر رکندي
سنهن پيرن جي صاف سُٿرين لَسين کُڙين سان
آرس پٿر جي سفيد ڏاڪن تي
آهستي
آهستي
پير
پير
چڙهي
پاڻ جَهڙي سَفيد کير سان ڀريل لوٽي
شولنگ تي چاڙهي رهي هئي،
پوڄاريءَ جي مَن مان واهه بجاءِ آهه نڪري ويئي!
هن پهريون دفعو
پنهنجي ڀڳوان طرف ايرڪا جي نظر سان نهاريو!

جيڪو پنهنجي شرڏالوءَ طرف
ڏٻيل مُسڪراهٽ سان
پنهنجو هڪ نيتر
کولي ۽ بند ڪري رهيو هو ...

## اُلو پکي

ڪافي زوردار بارش ڪان پوءِ
ڏرتي آلي آلي ٿي پيئي،
ڳڙا ڪيدار آوازن جا پڙاڏا
ڪو وقت ڳوُنجندا رهيا،
دوُر اُفق ۾ بجلي چمڪي چمڪي
ساٽي ٿي پيئي ...
- گريوتي رات -
- پوئين پهر -
پورن ڏينهن ڪان اڳ،
پيلي چنڊ ڪي جنم ڏنو!
جنهن ۾ هڪ ڪارو داغ هو!
اُهو لولو لنگڙو منڊو ۽ ڪاٽو بہ هو!
ڊِليوريءَ وقت نسوري ڪارنهن هئي.
ڪائنات ۾ سياپو ڇانيل هو
ڇون ته چنڊ گرهڻ ڏينهن
گريوتي رات
رهي نہ سگهي هُئي
هن ڇئيوان خانود ڪي ڪيڪاريو هو
صبح ٿيڻ ڪان ٿورو اڳ ئي
بيهوش پيل لولي لنگڙي منڊي ڪاٽي چنڊ ۽ رات ڪي

سج پنهنجن گهوڙن تي ڪڙي ويو
صبح ٿيڻ تي اُلو پکين گڏ ٿي
دير سان سُمهيل جوڳين ۽ جيوتشين کي سَربستي
ڳالھ ٻُڌائي
هنن پوءِ اينسائيڪلوپيڊ يا اِنڊيا جي
چئپٽر ’ج‘ ۾ درج ڪيو
چنڊ گرهڻ تي ’الف _ ب‘ کي
ٻي ٻي ڪرڻ جي سخت منع آهي !
الو پکي خوش ٿي جهومڻ لڳا!

# مهانگر

صبح سويل اِشنان ڪري
ڌوتل ڪپڙا پائي
شوَ لنگ تي پاڻي چاڙهي
چانهہ ناستو ڪري ، لنچ باڪس کڻي
سڀ ڪان ننڍي ٻار کي چُمي ڏيئي
هو لوڪل گاڏيءَ ساڻ ڊڪي ٿو!
آفيس ۾ ٽڪڙو پهچي
صاحب کي ٻن آڱرين وارو فلائنگ سلام ڪري
پنهنجي ٽيبل جي پرسان لٽڪيل
هنومان جي پيرن تي هٿ رکي
چڱن ۽ مندن ڪمن ۾ لڳي وڃي ٿو!
دير شام تائين
ضرورت کان ڪجهہ وڌيڪ ڪمائي
ڏيمن قدمن ساڻ هلندي
ڪڏهن رستي تي سُمهيل بکارين کي
ڪڏهن اُچين هوٽلن جي وئٽرن کي
ڪڏهن ڳُتيل گهٽين جي ڪونن تي
ڪجهہ دان ڪري ٿو
رستي ۾ سُجاتل دڪانن تان
حقن ۽ فرضن جون ڪجهہ ٿيلهيون ڀري

گهر پهچي
اول ٽورن ٻارن کي ٽورو پيار ڪري
پتنيءَ اڳيان ٿيلهيون خالي ڪري ٿو
روٽي کائيندي
فقط ٻُڌائڻ جهڙيون ڳالهيون ٻُڌائي
ٽي.وي. چئنلون بدلائي ، ڪَڪِ ٿي،
ليٽي پوي ٿو.
بچيل رات جي بچيل حقن کي فرض سمجهي نڀائي ٿو.
صبح سويل اِشنان ڪري
ڌوتل ڪپڙا پائي
شو لنگ تي پاٽي چاڙهي
هو وري زندگيءَ جي نئين قسط شروع ڪري ٿو!

# پکيءَ جو پڃري سان پيار

پکيءَ جو پڃري سان پيار ٿي ويو
پکيءَ پڃري ۾ سُپنا پوکيا
سپنا وڏا ٿيندا رهيا
پکي خوش ٿيندو رهيو
پر پوءِ پکيءَ ڏٺو
سپنن ۾ ته ڪنڊا ئي ڪنڊا هئا
هو سپنن سان گهيرجي ويو
هو ڪنڊن سان گهيرجي ويو
ڪنڊن مان نڪرڻ لاءِ
هاڻ پکي ڦٿڪڻ لڳو!
پر هن جو پڃري سان پيار ڪونه گهٽيو!
سون جهڙو پڃرو
هاڻ مٽيءَ جهڙو ڀاسڻ لڳو!
پر هن جو پڃري سان پيار ڪونه گهٽيو!
ڪنڊن کان بچڻ لاءِ
هن کي سپنن کان بچڻ ضروري هو!
هن سپنا ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي!
هوُ هوڪا ڏيڻ لڳو
سُپنا وٺو ڀائي سپنا
سُهڻا سهڻا سپنا

پيارا پيارا سُپنا
ڪيترائي پکي مِڙي آيا!
پر هنن سپنا ڪونہ ورتا
هو خود بہ سپنا ورهائڻ آيا هئا!
البت هو ڪيس دلداري ڏيندا ويا
اسان ٻڌو آهي
هڪ ڏنيهن پڃرو
پنهنجي پنهنجي پکيءَ کي ڇڏي
سپنن سميت اُڏامي ويندو!
ويچارو پکي ويڳاڻو ٿي پيو
هاڻ هو آسائتين اکين سان
پنهنجي پڃري ڏي نهارڻ لڳو
هاڻ ڪيس پڃرو
هوا پريل ڦوڪڻو ڀاسڻ لڳو
پوءِ بہ _ پکيءَ جو پڃري سان پيار ڪونہ گهٽيو!

# زندگي

برساتي اِندلٺ جو
سترنگي ڪو گيت آهي
يا ڪارن بادلن جي ڪا
ڀيانڪ گجگوڙ آهي زندگي!

روز نئين پرڀات جي
ٽڙ يري ڪا هير آهي
يا ويساڪي منجهند جي
تتل واري آهي زندگي!

اُجايل ڪيتن تي
سون جهڙي بارش آهي
يا مُلڪ ٻُڏائيندڙ ڪنهن
سُناميءَ جو قهر آهي زندگي!

رات جي چانڊوڪيءَ ۾
قدرت جي آرتي آهي
يا رات پَر چپ چاپ ڪيل
ڪو گناهہ آهي زندگي!

سُهڻي ڪنهن جُوانڙيءَ جي
دِلڪش ڪا مُسڪان آهي
يا بيمار ٻُڍڙيءَ جي دٻيل
ڪا دانهن آهي زندگي!

ٿَجُ ڊاول ٻار اڳيان
ماءُ جو مُشڪڻ آهي
يا پُٽ جي ڪريا ڪرم بعد
پيءُ جو سڏڪو آهي زندگي!
شاديءَ جي شادمانن ساڻ
سُهاڳ رات جو اِنتظار آهي
يا بدماشن جي بلاتڪار بعد
اَبلا جي چيخ آهي زندگي!
جهنگل ۾ مور جي ناچ جو
مست مست نظارو آهي.
يا ڌرتيءَ تي لُڇندڙ ڪنهن
مڇليءَ جو ڦٿڪڻ آهي زندگي!
ستين آسمان ۾ سُرڪندڙ
آزاد فضا جو پنڇي آهي
يا شڪاريءَ جي نشان سان
اُپي مان ڪِرندڙ رتُ آهي زندگي!
جهنگل ۾ راڄ ڪندڙ
شاهي شير جو شانُ آهي
يا ڇئن ڦيٿن ۾ چيپاٽيل
ڪُتي جو موت آهي زندگي!
جهومندڙ ٽارين مان ايندڙ
ڪوئل جو مَڌر آلاپ آهي

يا حلال ٽيندڙ پرندي جي
آخرين چيخ آهي زندگي!
ڳُر ڪيتر ۾ پانچ جنيـ جو
گونجيل شنک ناڏُ آهي
يا پاندون جي عزت جو
سري عام نيلام آهي زندگي!
راڌا لاءِ وڄايل
بنسريءَ جي سرگم آهي
يا ميرا کي موڪليل
زهر جو پيالو آهي زندگي!

## ماٺهو آهي _ ماٺهو آهي !

پيار ڪري ڪير، ڪير ڌِڪاري
ماٺهو آهي، ماٺهو آهي!
هٿ سان ٻوڙي، هٿ سان تاري

ٽاٽي نشان، ٻچڻ لاءِ پڪاري

وار پٽي ڪنهن، ڪنهن سنواري!
ماٺهو آهي، ماٺهو آهي !
اَکيون ملائي يا اَکيون ڦوٽاري

ڦيري اک ڪنهن، ڪنهن ملائي

ڪنهن پلجي، ڪنهن ڪونہ وساري!
ماٺهو آهي، ماٺهو آهي !
ڪٿي ڏي ٿهڪ ڪٿي هنجونُ هاري

پئسو لُٽائي ، ڪنهن هَٿُ پساري

مَري تو ڪنهن تي، ڪنهن کي ماري
ماٺهو آهي، ماٺهو آهي !

## سُرگ ۾ هڪ ڏينهن...

سُرگ ۾ هڪ ڏينهن
اِندر پوُريءَ اَندر
اِندر ديوتا جي جنم ڏينهن جي جشن ۾
جئه جئه ڪار ٿي رهي هئي.
سوين سندريون سورهان سينگار ڪري،
سازن ۽ سُرن سان
نرت ڪري رهيون هيون
ٻئي طرف حشام ديوتائون سوم رَسُ جون
سرڪيون ڀرينديون
سُرهي ۽ سوادي سُرا جا جهجها جام جهلي
جهومي رهيا هئا
اَچانڪ گهنگهرن بجاءِ گهندن جو آواز گونجيو
اِمر جنسي آلارم ٻُڌڻ شرط
سڀ سُرت ۾ اَچي ويا
بلند آواز ۾ ٻُڌجي رهيو هو
جنت جي جشن ۾ رُخنو وجهڻ لاءِ معافي
حضور!
پر قاصد جي خبر بروقت پهچائڻ ضروري هو!
هونءَ ته ڪيترا پرٿوي لوڪ جا نواسي
پنهنجن پاپن جو پروموشن پاڻ ڪندا رهندا
آهن.

پر پتو پيو آهي
پرٿوي لوڪ جي ڪيترن حصن ۾
جَهاد نالي ڪا هلچل هلي آهي ....
ڪيترا اِنسان ڌرم جي نالي
پنهنجي جان قربان ڪري
پُڄ جو ڪم ڪري رهيا آهن
جنهن سبب اَسان جي ديونگريءَ جو
اِندرآسن
لُڏي سگهي ٿو!
سوچنا سماپت
اُهو ٻُڌي
خود اِندر ديوتا آسڻ تان اُٿي آيو،
راجائي شان سان مُسڪرائيندي هن اَعلان
ڪيو.
مُنهنجي هن شيِ چنتڪ کي شاباس آهي
پر اَصل ۾
اَسانکي اِنتيليجنس بيورو جي خفيا
رپورٽ ملي چڪي هئي.
در اَصل جَهاد نالي جي هلچل جا پرٿوي نواسي
يَرَمَ جا پُلايل آهن
اَول هنن جي سمجهه نابوُد ڪئي ويندي آهي
پوءِ هنن کي پرمايو ويندو آهي

جنت جا خواب ڏيکاري!
پرتوي لوڪ جي ڪن ٻين نردوش نواسين
کي ماري
هو پوءِ مَرندا آهن.
جيڪو گهور پاپ جو ڪم ڪندا آهن
اُهڙن پاپي لوڪن جي ڪري
اَسان جي آسن جي لُٽڻ جو
ڪوبہ خطرو ڪونہ آهي.
جَشن جاري رکيو وڃي
۽ ديوگڻ جئہ جئہ ڪار ڇئي جهومڻ لڳو!

# ننڍيون ڪويتائون

## ڪامياب ڪلاڪار

هِن ڏي نہ نِهار!
هو ڪامياب ڪلاڪار آهي.
هن ساڻ ڪونہ پڄندين .....
هو ساڳيون چيزُون
وري وري وڪڻي ڄاڻي!

## پڳوان تنهنجو پلو ڪندو!

اَدا پائو
هڪ عرض آهي !
پڳوان تنهنجو پلو ڪندو!
سمو گذري ويو آهي _
ساراھ ٻُڌي!
تون جيڪر توري ساراھ ڪري سگهين ....
پڳوان تنهنجو پلو ڪندو!
تنهنجي گهران ڪجھہ نہ ويندو.
ماڻهو تہ پنهنجيءَ مان ئي ڪونہ تا واندا تين!

## اِڇائن جي پري

جهڪيل ڪُلهن سان
اِڇائن جي پري ڪٽي
تڪجي پيو آهيان

واٽ تو نهاريان
ڪو پري لهرائي ته ساهه پٽيان...
پر
هٿ ته هر ڪنهن جا ڪُلها جهڪيل آهن!

## پُڇي ڪري پريم ڪرڻ

پُڇي ڪري پريم ڪرڻ ۾
سَيني جي پلائي آهي
نه ته سوڙهي گهٽيءَ ۾
موٽڻ به ڏکيو!
نه لئلا خوش نه مجنو!

## حسد

ڪِلين شيو ڪري
بهتر شيمپوءَ سان شاوَر وٺي،
ويل ڊريسڊ ٿي پالشڊ بوٽ پائي،
پريزينٽيبل ٿيس .
ٽوسٽ جام ، ڪورن فليڪس سان کير جو گلاس پي،
در کان نڪري،
واپس اَچي ڪار جي چابي کڻي،
سوچ ۾ پئجي ويس!
رٽائر ماڻهوءَ کي
مُفت ۾ ئي سهين
ڪير ڪيترو برداشت ڪندو!
سرڪاري پينشن جو هڪ اڻ لکيل ڪِلوز اِهو به هوندو
توهان جي صاحبي هاڻ
گهر جي دروازي پويان لڳل کُڪَ ۾ ٽنگي رکو!
پڙهيل اَخبار تي نظر پوڻ تي
فالتو هئڻ جو احساس تکو ٿيڻ لڳو!
گهر جي ڪمن ۾ رُڌل 'هوم ميڪر' پتنيءَ کي ڏسي
ڪجهه سرهائي ٿي!
رٽائر ٿيڻ جي خوشي ۽ غم کان بي خبر
ڪمپائونڊ جي چين چين ڪندڙ جهولي تي ويهي

پنهنجي قابل سينيئر دوست جي چالاڪي ڪرڻ تي
هلڪو اڻ لکو حسد ٿيڻ لڳو...
’اڻ گهرجائو‘ هئڻ ۽ ’نہ هئڻ‘ جو فرق ڏسڻ لاءِ،
پنهنجو ٿلهن ڪاچن وارو چشمو لاهي،
ان جا ڪاچ صاف ڪرڻ لڳس....
سوچيم:
يلا ٻين جي نصيب سان ڪهڙو حسد!

## توهان جيئندا ڪڏهن آهيو؟

صبوح جو سويل اُٿي
ڪِرت ڪار ڪي لڳي ويندا آهيو،
جهڙي تهڙي چانهه پي، اخبار ڏسي
روزگار لاءِ تيار ٿيندا آهيو!
شاباس آ توهان کي!
سَنانُ ڪري مَندر مان ليئو پائي
شوالي ۾ پاڻي چاڙهي
بيٺي بيٺي نيرن ڪري وٺندا آهيو!
شاباس آ توهان کي!
ٽِفِنُ کڻي، بس پڪڙي، آفيس پهچي
دنياداريءَ کي لڳي ويندا آهيو!
شاباس آ توهان کي!
رات جو ٿڪجي، ٽوري ٽي.وي. ڏسي،
روٽيءَ گرهه کائي
ٻارن جي پر ۾ سُمهي پوندا آهيو!
شاباس آ توهان کي!
موڪل جي ڏينهن گهرَ جا ڪَم ڪري،
مائٽن سان ملي، اوڌر چُڪائي
سويل پرو سُمهي پوندا آهيو!
شاباس آ توهان کي!
بس، فقط ايترو ٻڌايو
توهان جيئندا ڪڏهن آهيو؟

# هڪ وڏيڪ ڏينهن

سِجُ بہ ساڳيو  صُبح بہ ساڳيو
جهڙو منهنجي هوندي هو!
وڻن  ٽڻن جو منظر بہ ساڳيو!
پکي
ساڳيَنِ وڻن جي ساڳِيُن ٽارين تي
ڪن ٽا جا چِين چِين
سو آواز بہ ساڳيو!
اَخبار، ڪير ۽ ياڇين وارا
ڪرت ڪار ۾ هرڪو مشغول
هر صبح جيان
سو نظارو بہ ساڳيو!
صبح ائين چپ چاپ
هر گهر جي اڱڻ ۾ اَچي ويٺو
ڪن چانهہ پيتي  ڪن ناستو ٿاهيو
ڪن سنان ڪري پوڄا پاٺُ ڪيو
ڪي ڪوڏيون ڪمائڻ پورهيو ڪرڻ هليا
ڪن ڪروڙن لاءِ ڪوُڙ ڪي گلي لڳايو!
هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو
پر هر ڪنهن جو سپنو اَڌورو!
سپنا پورا ڪرڻ جا سپنا لهڻ لڳا
سڀ صبح سان بس ڊُڪڻ لڳا!

محنت ڪِن ڪي سائو بڻايو هو اڳ ۾،
ڪِن ڪي وري ساڙو ڪري ڇڏيو!
پوءِ به هرڪو رڙهندو رهيو
نئين صبح جي واٽ ڏسندو رهيو
شُڪر آهي
مون گهٽي مان مان ڪانه ڪئي!
ها وري به
شُڪر آهي
دنيا ۾ هاڻ منهنجي نه هئڻ جو
ڪتي ڪو فرق ڪونه پيو!
دنيا جا دستور
بدستور جاري آهن
ماڻهو
لڳي ٿو وري به خوش آهن!
ٻيو يلا ڇا کپي!
هَلُ يائي زوراوَر، هَلُ!
سيکهُ ڪر!
هاڻ جيڏانهن کپيئي وني هَلُ!
وري به شاباس اَٿيئي!
دنيا ڇڏڻ ڪانپوءِ
هڪ وڏيڪ ڏينهن
سوڪيم روپ ۾ ترسڻ لاءِ!

دنيا هيءَ توهانجي اَمانت
توهان جي توهان کي مبارڪ!
اَسان لاءِ تہ هاڻ
نہ جيئڻ جي چنتا
نہ موُت جو پوُ!
نہ ڏينهن  نہ رات
نہ خوشي نہ غَمُ!
ٻيو پلا چا ڪپي!
اوم! شانتي!......شانتي!......شانتي!

## بي. وي. شِوَم اَئنڊ ڪمپني.........

ننڊ ڦِٽي پَوڻ تي
برهما پلنگ کي ٻنهي هٿن سان ٽيڪو ڏيئي اُٿيو
وِهاڻي پرسان رکيل ٽلهو چشمو پاتي
پر ۾ رکيل بيت جي لٺ کڻي
ڪجهه سهڪندو وِشنوءَ وٽ آيو
آهستي در کڙڪايائين
لڇميءَ در کوليو، ساڙهيءَ جو پَلوُ مٿي تي رکيو
پوءِ پراڻنات کي ڏونڌاري جاڳايو
برهما هن کي ننڊ ڦٽڻ جي سربستي ڳالهه ڪري ٻُڌائي
وشنوءَ جي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي نيزاريءَ سان چيو
هاڻ مان ته ٿڪجي پيو آهيان
توکي ته خبر آهي مان ته اَصل کان ٻُڍو آهيان
وشنوءَ اکيون مهٽي وراڻيو
حال ته منهنجو به هيٺو آهي
رات ڏينهن هيءَ ويچاري پيئي زور ڏئي
پڳوان هن جو پلو ڪندو
مون کان به هاڻ ڪٿي ٿو ڪجهه پُڄي
مان به ته هاڻ ٻُڍو ٿي ويو آهيان
هل ته مهيش وٽ هَلوُن
ٻئي لٺ جي سهاري مهيش وٽ آيا

پاروتي هيٺ ويهي جهوٽا کائي رهي هئي
هنن مهيش کي مَس مَس جاڳايو
مهيش بہ ڪنگهندي چيو:
توهان وريِ مونکي جُوان ٿا سمجهوچا؟
مان تہ ينگ جي سهاري توري نِندِ ڪري ٿو وَٺان
باقي هاڻي نرتيہ ڪرڻ ڪنهن ڪان ٿو پُڄي!
اَڇو تہ هڪ ڪم ڪريون
پرٿوي
پرٿوي _ لوڪن کي سونپي ڏيون
هونءَ بہ هوُ من مانيءَ تي اُتري آيا آهن
برهما ۽ وشنوءَ ڪنڌ لوڏي ها ڪئي
ٺنهي سامت جو ساهہ ڪنيو
۽ دُنيا جو دُڪان بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو!

# مان ڪڏهن هوس ئي ڪونہ!

مان ڪڏهن هوس ئي ڪونہ!
منهنجي هئڻ جو احساس
محض هڪ ڀرم هو!
مون جيان
ڪن ٻين ڪي بہ!
در اَصل
مان ڪڏهن هوس ئي ڪونہ!
جئن تون ڪڏهن ڪونہ هئين!
توکي شايد
اهو ڀرم اڃا بہ آهي!
ڀچي ڏس اُنهن کان
جي ڪڏهن بہ ڪونہ هئا!
اَنهن جي اهڙي مؤن قبوليت
اِتهاس جي پوٿين ۾ درج آهي!
مون کي اهو ڄاڻي
هميشهہ لاءِ ترپتي ٿي ويئي تہ
مان ڪڏهن هوس ئي ڪونہ!
اِهوئي تہ
من جو نرواڻ آهي!

# ضرورُ ڪنهن خُدا کي اَغوا ڪيو هوُندو !

ضرورُ ڪنهن خُدا کي اَغوا ڪيو هوُندو
سداچارُ جو ڪَنڌُ جُهڪائي سُڌڪي پيو!

آزاديءَ جو جشن جڏهن جاري هو ڪِن لاءِ
ڪِن لاءِ مگر اِنساني قهر جو ئي تہ ماتم هو!
معصوُمن ڪان پهرين خواهش بہ ڪانہ پُڇي جن
آخرين خواهِشوُن ڳِڻڻ ۾ سي سڀُ رُڏل هُئا !

لاشن ڳِڻڻ وارا بہ تہ ڪونہ بَچي سگهيا
نہ ئي ڪِريا ڪرم وارا ئي ڪُجهہ ڏِسي سگهيا
قبروُن ڪوٺي ڪوٺي جي سڀُ ساٿا ٿيا ويچارا
پاڻ ئي اُنهن ۾ جيئري دفن ٿي ويا !

پتڪِڙيُن ڇاتيُن تي ئي ڇڻ ڏنڊا ڪوڙيا ويا
مُدبر جهنڊا بدلائڻ ۾ پر بيحد خوش هُئا!
هَزارين لاش مگر تاڙيوُن وَڄائي بہ ڪونہ سگهيا
ري ڪفن بي جان جسم مِٽيءَ جا ڍير هُئا!

سييتا اُن کي سِياست ڇئي اَکيوُن بوُٽيوُن
نِظام کي اِنتظام جا فقط نوان نالا مِليا!

اِنسان کي پر وحشانيت کان چو نہ کو سبق مليو
شاعر کو بس ايترو پُڇندو رهجي ويو!

ضرؤر کنهن خُدا کي اَغوا کيو هؤندو!
سداچارُ جو کَنڌُ جُهڪائي سُڏڪي پيو!

# اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن

اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
پهرو بہ ڏينديوُن آهن رات ڏينهن
مُنهنجوُن اُکيوُن توهان جو ۽......

اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
ڇُهنديوُن بہ آهن سوُنهن کي
ماکـ ڦُڙن جي آرپار .......

اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
سڏ بہ ڪنديوُن آهن چُپ چاپ
اک ڀِڃي ! اِشارو ڪري!

اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
رُسنديوُن بہ آهن _ مُنهن ٻٽائي
ڏوراپا ڏيندي حسد ڀريا!

اُکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
پرچنديوُن بہ آهن رُسڻ بعد
نظرُن جا ياڪُر ڀَري!

اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
لِڪ چُپ راند بہ ڪنديوُن آهن
اَکيوُن مِلائي _ ڪڏهن چورائي!

اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
مِکر بہ ڪنديوُن آهن
لِڪي لِڪي ليئا پائي!

اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
ڇَڪينديوُن بہ آهن
پيار جي مِناس ڪي!

اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
مُشڪ سان ڇُهنديوُن بہ آهن
پريان ايندڙ پريتم جي پيشانيءَ ڪي !
اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
سنگهنديوُن بہ آهن
ڇَهري تي ڇڙهيل ڇَهري ڪي!

اَکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
ٻَهڪنديوُن بہ آهن
شيرين اَکِين جي ڇِپَرن ۾ !

اکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن....
ڳائينديوُن بہ آهن
سوُرداس جي سُريلن سُرن ۾ !

اکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
رابيل جيان مَهڪنديوُن بہ آهن
ڏَڳ لڳايل ٻُڍڙي جي آسيس پائي!

اکيوُن فقط ڏِسنديوُن ناهن.....
جهوُلنديوُن بہ آهن
لُڏندڙ لاڏليءَ جي هِندوري اڳيان!

# ڪنهن تي ناهي ميار

وهنجيل گهاٽا ڪارا وار ـ
ڪنن ۾ گهنڊ لُڏن بار بار ـ
اکڙيون پياسيون ڪ ميگهه ملهار ـ
نظر مرم جي هيٺ نهار ـ
منهن تي چشمو گول سوار ـ
نڪ تان گسڪي دل دربار ـ
چپ مرڪ جو هلڪو اظهار ـ
ڳل چمڪن چنڊ چڙهه چار ـ
سينو اُڇل ڏئي اپار ـ
هٿ ياکر يرن يتار ـ
ٽنگون چڙهه هنج ۾ سارو بار ـ
ڳُڙيون ٻرڪن ڪير جي ڏار ـ
آنچل اُڏري جو ين ـ هار ـ
برساتي سنجها سجيل ڪا نار ـ
من ڪنهن تي ناهه ميار!
من ڪنهن تي ناهه ميار!

# اَنتِم اِڇا

او منهنجا وقت!
مان هڪ شڪشڪ آهيان.
ڪنهن ڪان ڪجهه گهرڻ
منهنجي سڀاوَ ۾ نه آهي!
پر تون اگر
منهنجي اَنتم اِڇا ڄاڻڻ چاهين ٿو
ته ٻڌ !
جڏهن مان لٽ سان ڏسڻ لڳان
ڪمزور نظر سان هلڻ لڳان
۽ ڪنهن ڏينهن ڪوئي
جهوُنو شاگرد
پنهنجن جوان ٻارن ساڻ لانگهائو ٿي
مون کي سُڃاڻي
پريان ئي پلڪون جُهڪائي
ذرا جو مسڪرائي ڏي!
عمر ڀر جو اِنعام آهي اِهو!
او منهنجا وقت!
اهڙو ئي ڪوئي مسڪراهٽ ڀريو درشيه
مُنهنجين اکين ۾ سدا لاءِ وَسي وڃي!
هڪ شڪشڪ کي ٻيلا ٻيو ڇا کپي؟

## جڏهن مان نہ هوندس......

جڏهن مان نہ هوندس.....
ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هوندو!
نہ ڌرتي نہ آسمان
نہ سج نہ چنڊ
نہ ڏينهن نہ رات
ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هوندو!
نہ اڄ نہ سڀاڻو
نہ پوت نہ پويشيہ
نہ ئي ڪو ورتمان
ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هوندو!
نہ ايشور نہ شيطان
نہ انسان نہ حيوان
نہ ساهوارو نہ بيجان
ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هوندو!
جڏهن مان نہ هوندس ......
ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هوندو!
ڪٿي
ڪجهہ بہ
نہ هوندو!
مُون لاءِ ............

## پرم

هڪ سياڻي چيو،
سواد چيز ۾ لڪل هوندو آهي.
ماڻهن چيو واهه! واهه!
سياڻي خوش ٿي چيو،
سواد چيز ۾ نه، ڄڀ ۾ هوندو آهي.
ماڻهن چيو، واهه! واهه!
سياڻي وري چيو،
سواد چيز ۽ ڄڀ ۾ نه، بُک ۾ هوندو
آهي.
ماڻهن چيو ، واهه! واهه!
سياڻي پوءِ چيو،
سواد اصل ۾ هڪ پرم آهي،
ان تي هرڪو پوندو آهي.
ماڻهن چيو ، واهه! واهه!
هاڻ سياڻو منجهي پيو ،
هئن به واهه واهه، هونءَ به واهه! واهه!
سياڻي وري چيو
اڪيلائپ پاپ جي جنم ڏيندي آهي!
ماڻهن چيو، واهه! واهه!
سياڻي خوش ٿي چيو،

پاپ تہ من جو هڪ ڊپ آهي.
ماڻهن چيو، واهہ! واهہ!
سياڻي چيو، پاپ من جو ڊپ نہ،
من جي وِرتي آهي.
ماڻهن چيو واهہ! واهہ!
سياڻي چيو –
پاپ من جي وِرتي بہ نہ، اصل ۾
ڀرم آهي!
ماڻهن چيو واهہ!واهہ!
هاڻ وري سياڻو منجهي پيو –
هئن بہ واهہ! واهہ، هونءَ بہ واهہ! واهہ!
سياڻي وري چيو -
خوبصورتي چهري تي چانيل هوندي
آهي!
ماڻهن چيو واهہ! واهہ!
سياڻي خوش ٿي چيو –
خوبصورتي چهري تي نہ، حياءَ ۾
لڪل هوندي آهي!
ماڻهن چيو واهہ! واهہ!
سياڻي وري چيو، خوبصرتي حياءَ
۾ بہ نہ،
اصل ۾ ڏسڻ واري جي درشٽيءَ ۾

هوندي آهي!
ماڻهن چيو، واهه! واهه!
سياڻي وري چيو _
خوبصورتي ڏسڻ واري جي درشتيءَ
۾ به نه،
دل جي لڳڻ ۾ هوندي آهي.
ماڻهن چيو، واهه! واهه!
سياڻي چيو خوبصورتي اصل ۾ هڪ
ڀرم آهي.
ماڻهن چيو واهه!واهه!
هاڻ سياڻو منجهي پيو
هئن به واهه! واهه! هونءَ به واهه! واهه!
سياڻي کي سمجهه اچي ويئي
هن کي لڳو
هيءَ واهه! واهه! به هڪ ڀرم آهي!

# تلاش

دوست ،
تو مون کي نڀيو
مان چپ رهيس.
نئون نہ هو اهو دوستيءَ ۾.
تو سمجهيو مان گونگو ٿي ويو آهيان.
●
تو وات ڦاڙي گاريون ڏنيون
مون سمجهيو حجت ان کي
توکي ياد آيو مان ٻوڙو بہ هوس.
●
تو اڪ ٻوٽ ڪري مونکي وساري ڇڏيو
توکان اَڪيلو ٿي نهاريندو رهيس مان
توکي پڪ ٿي اکيون نہ هونديون سڄيون منهنجون.
●
مون کي غير حاضر سمجهي هڪ ڏينهن
تون مون کي سڃاڻڻ کان انڪاري ٿئين
مون کان ڪل نڪري وئي
توکان ڇرڪ نڪري ويو
●
عرصو اڳ عرصي کان عرصي لاءِ
پاڻ ٻئي هڪ غفا ۾ رهندا هئاسين
ساڳي اوندهہ ۽ روشنيءَ جي ورهاست تي

شڪ جاڳيو
مونکي افسوس ٿيو ته وٽ اِها نئين دل
ڪٿان آئي؟
غفا ۾ دل کي ڇڏي هر نئين شيءِ
آڻي جا ٿي هو.
●
منهنجا هٿ مٿي اکيون هيٺ رهيون
تنهنجيون اکيون مٿي هٿ هيٺ رهيا
اِن اِسم جي تلاش لاءِ
جيڪو هٿن ۾ اکين کي ملائي سگهي.

## آتنڪوادي فرمان

خُدا جي واسطي
سوچڻ ڇڏي ڏيو!
خُدا جي واسطي
سوچڻ ڇڏي ڏيو!
ٻِگوان توهان جو ڀلو ڪندو!
توهان کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو آهي
بس مارڻو ۽ مرڻو آهي!
خدا جي واسطي سوچڻ ڇڏي ڏيو!

خدا جي خذمت ۾ آتم سمرپڻ ڪري ڇڏيو!
هونءَ بہ هاڻ توهان جو جيئڻ ڪهڙي ڪم ايندو!
پنهنجو تہ بس اِهو ئي ڌرم آهي
سوچڻ بي ايماني آهي
بندوق ئي توهان جي بندگي آهي
مذهب لاءِ قربان ٿيڻ ئي
جنم سڦلو ڪرڻو آهي
خدا توهان کي
اِن نيڪ ڪم لاءِ ئي موڪليو آهي
خُدا جي واسطي سوچڻ ڇڏي ڏيو!
سوچڻ پاپ آهي
توهان جي لاءِ اهو پاپ

اَسان پنهنجي سر ڪٽنداسين.
سوچڻ بغاوت آهي
قيامت جي گهڙيءَ
پڳوان جي سامهون تيٽو آهي
دِماغ شيطان جو گهر آهي
سوچڻ توهان کي ڪمزور بڻائيندو
ممتا ۽ محبتون ياد ڏيارنيدو
توهان کي جَنتَ کان پري پجائيندو!
توهان کي عظيم ڪم ڪرڻو آهي
هڪڙو آتم گهاتي حملو
بيو ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو آهي
بس مارڻو ۽ مرڻو آهي
خدا جي واسطي سوچڻ ڇڏي ڏيو
پڳوان توهان جو پلو ڪندو!

# ڪپڙا

پرڪرتيءَ اِنسان کي
اِنسان سييتا کي
سييتا ڪپڙن کي
۽
ڪپڙن ننگائپ لفظ کي جنم ڏنو!
اِنسان پنهنجا اَنگ _ پاپ ڊِڪيا
سماج ان جا پڙدا ٿاهيا
پينگها ۽ ڪفن ٿاهيا
ڪٿي اُنهن ڪپڙن جو تياڳ
ڊِگمبر جي ويرتا بڻي
ڪٿي وري
عورتن لاءِ واپار!
سڀ کان وڏو اِسرار تڏهن ٿيو
جڏهن اِتهاس اُن مان جهنڊا ٺاهيا!

## شڪايت

تِن سان ڪهڙي شڪايت
رُنل رهن تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
تِن سان ڪهڙي شڪايت
وِڙهندا رهن تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
تِن سان ڪهڙي شڪايت
دوُر دوُر رهن تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
تِن سان ٻہ ڪهڙي شڪايت
گلي لڳن تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
تِن سان ٻہ ڪهڙي شڪايت
مدد آچين تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
تِن سان ٻہ ڪهڙي شڪايت
حال پُڇن تا جي
پر ٻاهران ٻاهران!
*
شڪايت آهي تہ پاڻ سان
ها جيئون تا ضرور
پر ٻاهران ٻاهران!

## هي پريوُ

هي پريوُ!
مون کي سچ چوڻ جي شڪتي ڏي!
پر اُن ڪان اڳ،
سچ سَهڻ جي شڪتي ڏي!
نہ تہ بئي رک، پاڻ وٽ!
منهنجو گُذران
ائين بہ هلي پيو!
ڪوُڙ ڪَپَٽُ
سني پاڙيسريءَ جيان
روز پيا ڪم اَچن !

## شايد ڪويتائون

ڏسي سگهان نٿو سج طرف اک ڪٽي
ڪئن چوان چنڊ آ منهنجي پيرن ۾!

000

منهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو
مون پنهنجي وهاڻي سان گهاريو آهي
اهوئي منهنجي سپنن جو آڌار آهي!

000

هر نئون صبح
زندگيءَ جي شام کي
ويجهو آڻي ٿو!
اسان ان کي
گڏ مارننگ، چئون ٿا.

000

مون کي فخر آهي
مان اِنسان آهيان
چوراسي لک، جوڻين ۾
ٻيو ڪنهن وٽ
ايترو بارود نہ آهي!

000

زندگي جيئڻ جهڙي آهي

يا زندگي مرڻ جهڙي آهي
زندگي
زندگي پر اهو ڄاڻڻ جهڙي آهي!

000

ڏينهن رات ٻڪيو وقت گهٽو وقت
نہ پهتو مگر ڏينهن رات ڪان پري وقت!

000

گهوريون گهٽو ٿي ٿا ٽي.ويءَ جي
پردي تي هرروز
ملائي نٿو مگر نظر ڪوئي ڪڏهن پي!

000

هستي
مان هڪ تمام وڏي هستي آهيان
مان هڪ وڏي هستي آهيان
مان هڪ هستي آهيان
مان هڪ هستي
مان هڪ
مان
م
ا
ن

000

**لفظ جو مهاتم**

لفظ جا رنگ اَپار
لفظ جو رنگ بہ آهي روپ بہ
لفظ کي ڏيگهہ ويڪر ۽ تولهہ بہ
لفظ اونهو بہ آهي اُيو بہ
لفظ گونگو بہ آهي ٻولي بہ
لفظ پيار بہ آهي چيخ بہ
لفظ لولي بہ آهي پاراتو بہ
لفظ چمچو ٻار جو کير لاءِ
لفظ ڏنڊو ڏاڍي جو وير لاءِ
لفظ پڙاڏو _ لفظ گونج
لفظ آڪاش لفظ ڪونج
لفظ ٽپڪي بہ لفظ مڪ بہ
لفظ ڊُپٽو شرمائيندڙ نار جو
لفظ چهبوڪ خار ۽ ڌڪار جو
لفظ موتي لفظ پٿر
لفظ ئي دک لفظ ئي سک
لفظ سون لفظ گند
لفظ ئي ڪوڙ لفظ ئي سچ
لفظ پاپ لفظ پڃ
لفظ ڪير لفظ ٽڃ
لفظ واپار لفظ اُڌار

لفظ ٺي ڳار لفظ يار
لفظ هوا لفظ ساهہ
لفظ قهر جو ڪوسو واءُ
لفظ جي وس مان لفظ جي وس تون
لفظ آس_ لفظ نراس
لفظ گيتا لفظ قران
لفظ پينگهو لفظ شمشان
لفظ حيوان لفظ شيطان
لفظ برف لفظ بارود
لفظ دانهن لفظ آٿت
لفظ کان ٻاهر نہ تون نہ مان
لفظ کان لفظ بہ نہ ٻاهر آ
لفظ لفظ نہ آ لفظ زبان آ
لفظ زبان نہ آ لفظ اِنسان آ
لفظ اِنسان نہ آ لفظ ڀڳوان آ

000

هي شري ڪرشن!
تنهنجو ڌرم مان توکي ٿو اَرپيان!
تنهنجا ٻندا
تنهنجي نالي تي
تنهنجي ٺي هتيا ٿا ڪن!
ڇا تنهنجي ستين آسمان تي ڪا اخبار

نہ ايندي آهي؟
او گوڊ! ماءِ لارڊ! پريو پرميشور!
تون هنن کي پل معاف نہ ڪر!
هنن کي تہ خبر آهي
تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن!
پر توکي ڇو اَڄا خبر نہ پيئي آهي؟
تہ هو هڪ ٻئي کي ڪئن لٽڪائي رهيا آهن؟
ڇا تون کو ٽيليوزن نيٽ ورڪ نہ ڏسندو آهين؟
هي شري ڪرشن!
تنهنجو سدرشن چڪر
يا رام جو ڏنش باڻ
۽ شوَ جو ترشوُل
ڪهڙي ڪم جا!
ڇا تنهنجا شستر پڻ
شاسترن ۽ پراڻن وانگر پراڻا ٿي ويا آهن؟
اَڙي ٻائي!
تنهنجي گهر ۾ آگ لڳي آهي
۽ توکي خبر بہ نہ پيئي آهي؟
ڇا تو وٽ هاڻ آڪاشواڻي نہ وڃندي آهي؟
يا ڪرڪيٽر مان ڪوَروَ توکي ڪڊنيپ
ڪري ويا آهن؟
منهنجو من مون سان بغاوت ٿو ڪري

جو اِيشور پنهنجي گھر جي رکشا نٿو ڪري سگھي
منهنجي ڪھڙي رکشا ڪندو؟
گھٽو ٿيو هاڻ!
هي ڪرشن
اُٿ!
اڄ جو اَرجن توکي للڪاري ٿو!
اگر ڌرتي اَوَتار وٺڻ لائق
يا سلامت نہ رهي آهي
تہ تون انسان جي من ۾
وويڪ بڻجي وَسي ڏس!
نہ تہ ٻيلي!
تنهنجو هي دين ڌرم واپس وٺ!
اسان ائين ئي چڱا آهيون!
ڏکيو سکيو جي وينداسين!
هي شري ڪرشن
تنهنجو ڌرم مان توکي ٿو اَرپيان!

## روز جيان

روز جيان
اَج بہ سڄو ڏينهن
ڏاڍو پريشان رهيس
رات منگهڻ جاڳايو هو
صبح جو دير سان پهچائڻ تي
ٻار بجاءِ ٽيچر منهنجي چنڊ ڪڍي.
آفيس ۾ بہ ڄڻا غير حاضر هئا
لکي لکي ڪنڌ ڇٻو تي ويو
منجهند جو پٽيوالي جي مرڻ تي موڪل تي
سامت جو ساهہ ڪٽي سنيما تي آيس
ٽڪيٽ ٻيٽي اگهہ تي هئي .
گهر سويل اَچڻ تي
پتنيءَ ڪم ڳولهڻ شروع ڪيا
گاسليٽ آٽو هو.
صندليءَ ڪي ڪوڪا هٽا هئا.
ڪٽڪ جو دٻو چڪيءَ لاءِ ڪٽو هو.
ڪم لاهي پٽاٽا ۽ ڦلڪو کاڌو.
ڪٽ تي ڪريس تہ ننڊ اچڻ لڳي.
ياد آيو
اَج منهنجو جنم ڏن هو.

## ننڍيون ڪويتائون

(1) <u>ڪوٽ!</u>

ڪوٽ
دوستن جي ناهي،
دوست!
دوستي ڳولهڻ نڪتو آهيان!

(2) <u>نفرت</u>

نفرت هئي
جن لاءِ ذهن ۾،
مليا هار اَڪثر
هِنَنِ کي پائڻ لاءِ _ هٿن ۾!

(3) <u>ڏوراپو</u>

ڏوراپو ڪنهن ڪنهن کي ڏجي
هنرمند هرڪو
ڪروڙ ڪمائي
ڪوُڙ مان!

(4) <u>مُشڪ سان</u>

مُشڪ سان تہ
هرڪو ملي ٿو اَڪثر
هر مُشڪ جو پر
ڪٿي ساڳيو مطلب آهي!

(5) **کويتا**

کويتا
اندر جي احساس جو
شرميلو اِظهار
پلڪُون جهڪائي
حِجابي نظرون لڪائي
لياڪا پائي
ليڪن منجهان!

(6) **دُشمن**

دُشمن
مُشڪندڙ چپن ۾
سِلو _ پائڙن ملائي
فلائنگ ڪِس ڪندو هلي
دعا _ سلام چوندو هلي!

(7) **سَراپ**

سَراپ سهديو جهڙو
مليو آ اَسان کي
بنا پُڇڻ جي
نہ ڪجهڻ جو درد
سَهَڻ تي هريل آهيوُن!

# خُدا جي نالي ......

خدا جي گهر ۾ آگ لڳي آ،
شُڪر آ خدا گهران نڪري ويو!
هندو مسلم هندو مسلم،
هنياءُ سيني جو سُسي ويو!
ڪنهن راڪاس جئن هڪ گل پٽيو،
چمن سڄوئي هراسجي ويو!
مندر ۾ ويهي تي راهہ ڏنائون،
ايشور تيرٿن تي نڪري ويو!
ماڻهو ماڻهو سڏيائون گهٽوئي،
ڪو هندو ڪو مسلم ٿي ويو!
هٿيار هلائڻ سکيا جيسين،
مقصد مِڙني ڪان وسري ويو!
تون بہ مَرُ مان بہ مَران،
خدائين توري ۾ سمجهي ويو!
اِيشور اِيشور راند ڪريون،
الا! اِيشور ڪاڏي لڪي ويو!
خدا جي گهر دير آ يگن جي،
پرهاڻ تہ سچ بہ لهي ويو!

# اوم! شانتي .... شانتي ..... شانتي

نماءَ گيري ۽ پي.آر.جي يگ ۾
سوشل ميڊيا ٻہ
پاڻ پڌائڻ ۾ سُهاءِ تي ويندي!
ڪشلتا کي ڪلا ۾ ڪپائڻ وارن اڳيان
ڪلا ۾ ڪُشل
پردل ۽ دماغ جي سادگيءَ وارا
ويهي رهندا ڪنڌ جهڪائي ڪنهن ڪنڊ ۾ !
جي حضوريءَ جي شور ۾
ڪوئل کي ’سائلينٽ موڊ‘ ۾ رکي
ڪي سياڻا ڪانوَ
ڪلاڪارن جي ويس ۾
اُتي ٻهندا پنهنجا ڪارا ڪالر مٿي ڪري!
خيراتي خوراڪ سان مليل ٿولهہ کي طاقت سمجهي
ايمان ۽ احساسن کان بي خبربهادر
خطابن جو خزانو لُٽائي
’سپ-سلامت‘ جو اَعلان ڪندا
دليلن کي پاڻ طرف موڙڻ جي،
قابليت جي علامت اڳيان
ڪيترا ڪاليداس
دم ٽوڙيندا چپ چاپ

چتر لڳندڙ چرين جي چوڪٺ تي!
اَچو تہ هنن جي مان ۾
ہ منٿ اُتي بهوُن!
اوم .....
شانتي .....
شانتي .....
شانتي ......

## سرڳ جو ڏسُ پتو

جَنتُ ناهي آڪاس ۾ اَدا،
تنهنجي آس پاس ۾ آ جَنتُ!
•
نينهن وارن جي آغوش ۾ جَنتُ
جَنتُ معصوم جي مرڪ ۾ !
•
جَنتُ سُهڻيءَ جي ساهس ۾
ميهار جي جُنون ۾ جَنتُ!
•
جَنتُ ٻڍڙيءَ جي آسيس ۾
ٻڪئي جي ترپتيءَ ۾ جَنتُ!
•
جَنتُ ٻيجل جي راڳڻيءَ ۾
راءِ ڏياج جي موھ ۾ جَنتُ!
•
جَنتُ خود داريءَ جي خمار ۾
مدھوشيءَ جي نظر ۾ جَنتُ!
•
جَنتُ ڪبير جي بي فقريءَ ۾
سورداس جي نظر ۾ جَنتُ!
•
جَنتُ ماءُ جي ھنج ۾
ساڌنا جي ايڪانت ۾ جَنتُ!
•

جَنتُ لئلا جي محبت ۾
مجنوءَ جي اکين ۾ آ جَنتُ!

•

جَنتُ محبوب جي پرچڻ ۾
وچڙيل جي پائڻ ۾ جَنتُ!

•

جَنتُ جوانيءَ جي اُتساهه ۾
محبوب جي اِشاري ۾ جَنتُ!

•

جَنتُ طبيب جي دلاسي ۾
بيمار جي تيمارداريءَ ۾ جَنتُ!

•

جَنتُ مينڪاجي حسن ۾
رشيءَ جي هرڪ هارڻ ۾ جَنتُ!

## سُڄاڻپ

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي
هڪ سوچ ننڊ ڦٽائي ڇڏي!
ننڍڙي مسئلي جو بہ ڪو حل ڪو نہ پئي سجهيو!
لوڪن سان ڳالهائڻ تي پتو پيو
هت تہ هر ڪو ئي سياڻو آهي!
هڪ غريب ماڻهوءَ کان پُڇيم
ادا ، ڌن ڪمائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي!
هن وٽ اُن جا چڱائي اُپاوَ هڪيا حاضر هئا!
هڪ نوجوان کان پڇيم
ٻڍاپي ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي
هن بہ ڪجهہ بهتر صلاحون ڏنيون
هڪ بکاريءَ کان پڇيم
سرڪار کي ڇا ڪرڻ گهرجي جو بکارين کي
بيک نہ پنڻي پوي؟
هن بہ ڪجهہ ڪارگر صلاحون ڏنيون.
هڪ وڪيل کان پُڇيم _ رزرو بئنڪ کهڙيون
غلطيون ڪيون آهن؟
هن بہ ٽي وڏيون غلطيون ٻڌايون !
مون کي لڳو
هت تہ هر ڪوئي سياڻو آهي؟

پوءِ مون کي اِن مسئلي جو حل چو نہ ٿو سُجهي؟
دنيا جي ڪل آدم ذات مان ڪيترا ماڻهو مون کي سُڃاڻن
۽ ڪيترن ماڻهن کي مان سُڃاڻان؟
نيٺ من مڃائي هڪ جواب جُڙي آيو:
نہ مان ڪنهن کي سڃاڻان نہ مون کي ڪو سُڃاڻي!
در اصل ڪير بہ ڪنهن کي ڪونہ سُڃاڻي.
هيءُ جهان اڻ سُڃاتل هم سفرن سان ڀريل آهي!
مسئلو عدد جو نہ ، سُڃاڻپ کي سمجهڻ جو نڪتو!
ڪي ماڻهو ڪن ماڻهن کي پريم ڪندا آهن
اهو سُڃاڻپ نہ هئڻ جو بهترين ثبوت آهي!

# پهاڙ جيڏو وڏو ماڻهو

پهاڙ جي چوٽيءَ جي چمڪ جيان
سماج ۾ هن جي ڪيرتي پتا ڪا لهرائي رهي هئي!
هن جي آيا مندل اوَرا جي ڪشش جا ذِڪرَ ٻُڌبا رهبا هئا
منهنجو پترڪار من
هن سان دعا سلام ڪندو رهندو هو!
مان هن جي چرنن کي سَجدو ڪندي
هن جو وشواس پاتر بڻجي
هن جي اَندر ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس..
ڏيري ڏيري هن جي مان.... مان جي پڻ پڻ ٻُڌجڻ لڳي!
هن جي وهنوار ۾ اَڊمبر جو اَنبار نظر آيو
هن جي اَندر ۾ وويڪ جو ڪندُ هر!
مُنهنجو من مايوس ٿي ويو!
مان هن وٽ آشيرواد لاءِ واجهائڻ ويس
هو آسائتين اکين سان هٿن ۾ ٿالهہ جهلي ويٺل مليو
مون هن کي رول ماڊل سمجهيو هو
هو جَسُ کٽڻ لاءِ وِياڪُل هو
هو ہہ انهن مان هو _ جن کي 'سڀ _ ڪجهہ'
ڪان ڪجهہ وڌيڪ ڪپي...
جن جو پيٽُ پريل هو پر دِلِ خالي هئي!
جيڪي ونڻ جي ويڙهہ ۾ رُڌل رهيا
جيڪي ڏينڻ جو سُک سِکڻ ڪان سواءِ وڏا ٿي ويا.
اول مون ڪان ڪل نڪري وئي
پوءِ دانهن
هو پهاڙ جيڏو وڏو ماڻهو
جَبَل جيڏو جڏو ماڻهو نظر آيو ......

# باقي سڀ خيريت آهي!

اَدا ڀائو رشيد ميان
سدا سلامت
خوش چاڪ پرسن راضي
ٻار ٻچا
اوڙو پاڙو
يار دوست
هاري ناري
۽ اوڙي پاڙيواريوُن
مِڙيئي خوش!
اَسانجي رامست چوندا.
ٻيو مڙيئي سُک.
ايشور جي ديا سان
هت سڀ خيريت آهي
خدا جي فضل سان
توهان وٽ بہ سڀ خيريت هوندي!
ٻيو سُک
ڪاردِ توهان جو بروقت مِليو هو.
سربستو اَحوال معلوم ڪيوسين.
توهان وٽ سوڪَ جو ٻڌي اَفسوس ٿيو.
اَسان وٽ وري برساتين راڳا ڪيا آهن.
مڙيئي ڀڳوان ڀلي ڪندو.

سيني جي رهجي ايندي.
اول خير.
پيو توهان هتان جو
اَدبي حال احوال معلوم ڪرڻ چاهيو پيا.
چڱو ٿا ڪيو سائين.
هڪ ٻئي جو اونو رکڻ
برادريءَ جي ڳڻ ڳُوت ڪرڻ
اَسان جي ثقافت آهي
تنهن عشق کي شاباس
جنهن محبتي ميڙيا!
اَدا، هتان جو ادبي حال
ڏسڻ ۾ ته سُنو آهي
پر ڄاڻڻ ڏکوئيندڙ آهي!
زمين ته اَسانجي پيرن هينان
اڳ ئي کسڪيل آهي.
ٻولي به کسڪي رهي آهي
اِسڪول سمورا بند ٿئي عرصو ٿيو
پر اَسان اَجا سرڪار کان
درسي ڪتاب ڇپايون پيا.
ڏيڍوٽا ڏوڪڙ چو وڃايون!
اُن لاءِ سنڌي ٻولي زنده آباد به
چوندا رهندا آهيون

وڏا وير مُدبر بہ چوندا ويا
سنڌيءَ کي لهر لوڏو کونہ ايندو.
اَسان بہ ٻارن جيان چَڱي هِندي
اَنگريزي سِکي ويا آهيون.
حالتون جو ڦِري بيٺيون آهن.
باقي سڀ خيريت آهي!

سنڌي ڪتاب بہ سوين پيا ڇپايون
لکون تہ اُن کان گهٽ ٿا.
پر ڪتاب هٿئون سُهڻا ۽ چلڪڻا ٿا ڇپايون
ڏيڍ بہ سوَ ڪاپيون هڪ ڏڪ ۾ خلاص
ٻي خبر خاوند کي!
پاڻ برابر کونہ بچيا آهن
باقي سڀ خيريت آهي!

بابلاءِ سنڌي مخزنون بہ ڪاڻي رهيون آهن
جي آهن تن کي شاباس آهي
پر اَسان رُڳو پنهنجون رچنائون
پڙهندا آهيون.
وقت بادشاهہ آهي
مِلي ٿي ڪِٿي ٿو!
باقي سڀ خيريت آهي!

اَسان وٽ اَدارن جي کمي ڪانهي

ڪيترن صوبن ۾ بہ اَڪادميون زور آهن
هِتان هُتان پيا اِنعام مِلندا آهن
هاڻ تہ ٻُڌائڻ ۾ بہ ٻَرو چڙهندو آهي
آئوٽ سورسِنگ بہ هلندي آهي چپ چاپ
باقي سڀ خيريت آهي!

اَسان وٽ سرڪار مائي باپ
سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ
ڪروڙين ڏيندي آهي
لک لُٽائڻ سان بہ ڪونہ ڪُٽن
شيرخان پيا منهن ڏيندا آهن
پر ڪجهہ ورندو ڪونہ تو ڏسجي!
باقي سڀ خيريت آهي!

اَسان بہ هاڻ توهان ڪان سِکي
سوشيل ميڊيا ۾ پُنيون نپرائڻ ۾ رُڌل آهيون
شاباسين جو وسڪارو پيو مِلي.
هاءِ اَندرين خبر خُدا کي!
باقي سڀ خيريت آهي !

اَدبي آلوچنا جي رَسم رائج ڪانهي رهي
هاڻ ڪير ڪنهن کي
ڏکو ٻِندرو ڪونہ چوي.
ٻندرا پيا تا ڏکا ثابت ٿين ٿا

ڏِکيا وري بندرا !
سڀ شيشن جي گهرن ۾ رهندا آهيون.
پٿرُ ڪٽڻ جو رواج بند آهي.
باقي سڀ خيريت آهي!

اسان وٽ ڪتابن جا ميوزيم جام آهن
ڪتاب نوان نڪورا سنڀالي رکندا آهن
جيستائين وري ٻيا اچن.
البت پڙهڻ وارا ڪونه ڏسجندا آهن.
باقي سڀ خيريت آهي!

سنڌيءَ جا ڪلاس به چڱا پيا هلن
چڱا مطلب گهٽا پيا هلن.
انگ اکر دستوري هوندا آهن
دل خوش ڪرڻ وارا
پر من مايوس هوندو آهي
باقي سڀ خيريت آهي!

سيمينار پڻ زور شور سان پيا هلايون
ڪڏهن ان کي ورڪشاپ چئون
ڪڏهن سمپوزيم
خبر هنن کي به پوري ساري پوندي آهي
البت ٻُڌڻ وارا تمام ٿورڙا
ويچارا لنچ بريڪ تائين نه

ضرور ترسندا آهن
باقي سڀ خيريت آهي!

اَسان وٽ آڪاٽيون گهڻ مقالا جهجها لکجن
نوان سِرا معنيٰ نوان مقالا
پڙهندا تہ پورو لکڻ وارا بہ ڪونہ آهن.
آڳر ڪٽڻ يا ڏوراپو ڏيڻ
ڪُفر جو ڪم!
باقي سڀ خيريت آهي!

اسان وٽ بہ اي _ بوڪ ۽
آڊيو- بوڪ نهڻ لڳا آهن
ايپ پڻ هلن پيون
'سنڌ سلامت' جهڙو پنڌ پري آهي.
اها بات سمجهڻ جهڙي بہ تہ
ناهي رهي
سو پيا ڪَنڌَ لوڏيندا آهيون!
باقي سڀ خيريت آهي!

اِئين تہ هِت هرڪو سوا سير آهي!
وري اَسان وٽ
اَدبي بي روزگاري بہ ڪانهي
پر نالي جي بک ستايو آهي!
گُهرڻ کان سواءِ ڪجهہ ملي ئي ڪانہ!

لَجَ لاهي لوُنگي کُلهي ڪيرُ ڪَري!
مطلب سُنو لکڻ ڪافي ناهي!
باقي سڀ خيريت آهي!

اِئين بہ ڪانهي تہ
بهتر ڪمن جو ڪو ذُڪر آهي،
هاڻ تہ نوان ليکڪ بہ
ڪَمالَ ڪن پيا.
پر سُني ڪي سُنو چوڻ جي ضرورت
ڪانہ پانيون.
خراب ڪي خراب چوڻ جي همت
ڪانہ ڪريون .
دُعا ڪريو سيني جي
پَت رَهجي اَچي!
باقي سڀ خيريت آهي!
خُدا _ حافظ.......